قرآني بيان

ڪتابُ اللّٰه جي اهميت

(سيپارو: 1، سورهءِ بقرة: 53)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

2 آڪٽوبر، 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 20 ربيعُ الآخر،1448 هه)

جمعة المبارڪ جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
2 آڪٽوبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 20 ربيعُ الآخر 1448ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

ٻڌاڻ

ڪتابُ الله جي اهميت (سيپارو: 1، سورهءِ بقرة: 53)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... نافرمانيءَ ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيو (واقعو)
- ... ترقي جو اصل رستو
- ... گهر ڏيئي جيان چمڪندو هو.
- ... قرآنِ ڪريم جي هڪ آيت تي عمل جي برڪت

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۚ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ۚ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۚ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۚ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: 2“ صفحو: 4، تي حديثِ پاڪ نمبر 4 آهي:

اِنَّ لِلّٰهِ مَلَائِكَةً سَيَّاحِيْنَ فِي الْاَرْضِ يُبَلِّغُوْنِيْ عَنْ اُمَّتِيَ السَّلَامَ

ترجمو: زمين تي ڪجهه فرشتا گهمندا ڦرندا آهن، جيڪي منهنجي امت جو سلام مون تائين پهچائيندا آهن. (1)

جو اپنے کاموں کا انجام نیک چاہتے ہو ہر ایک کام میں تم پیشتر درود پڑھو
نبی کے صدقے تمہاری مراد ہو حاصل دعا کے اوّل و آخر اگر درود پڑھو
فرشتے جاتے ہیں لے کر درود حضرت کو اُدھر پہنچتا ہے جو تم اِدھر درود پڑھو (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو)

وَاِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَالْفُرْقَانَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۵۳﴾ (سپارو: 1، البقرة: 53)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...نسائی، کتاب السہو، باب السلام علی النبی صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، صفحہ:219، حدیث:1279۔
2... نور ایمان، صفحہ:57 ملتقطًا۔

ترجمو كنزُالعرفان: ۽ ياد كريو جڏهن اسان موسيٰ كي كتاب عطا كيو ۽ حق ۽ باطل ۾ فرق كرڻ ۾ جيئن توهان هدايت ماڻيو.

پيارا اسلامي پائرو! اسان سيپاري 1، سورة البقرة جي آيت: 53 پڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي .اڄ اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! هن مبارڪ آيت جي مختصر وضاحت ۽ ان مان ملندڙ سبق پڌڻ جو شرف ماڻينداسين. الله پاڪ جي دربار ۾ دعا آهي ته ڪائنات جو پالڻهار اسان كي قرآنِ ڪريم سمجهڻ، ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان ذريعي پنهنجي زندگي سنوارڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

آيت سڳوريءَ جي مختصر وضاحت

الله پاڪ فرمايو:

وَاِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ

ترجمو كنزُالعرفان: ۽ ياد كريو جڏهن اسان موسيٰ كي كتاب عطا كيو .

(سيپارو: 1، البقرة: 53)

يعني اي بني اسرائيل ◈اسان اوهان كي فرعون جي غلاميءَ مان نجات ڏياري، هي به هڪ انعام هو ◈اوهان لاءِ سمنڊ مان رستا ناهيا، هي به هڪ انعام هو ◈اوهان گابي جي پوڄا ڪئي، اهو وڏو ظلم هو پر ان جي باوجود اوهان كي توبه جي‌توفيق بخشي وئي، اوهان تي عذاب نه لاٿو ويو، هي به هڪ انعام هو ◈پوءِ وري اوهان تي هڪ وڏيڪ انعام اهو ڪيو ويو جو اسان موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ◈كي هڪ ڪتاب عطا فرمايو اهو ڪتاب ڪهڙو هو؟ فرمايو:

وَالْفُرْقَانَ

ترجمو كنزُالعرفان: ۽ حق و باطل ۾ فرق ڪرڻ.

(سيپارو: 1، البقرة: 53)

يعني اهڙو شاندار كتاب جيكو حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق كندڙ هو. [1] حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي اهو كتاب چو لاڏو ويو؟ ارشاد ٿيو:

لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۵۳﴾

ترجمو كنزُالعرفان: تہ جيئن توهان هدايت ماڻيو. (سيپارو: 1، البقرة: 53)

يعني اي بني اسرائيل! هي كتاب ان كري ڏنو ويو تہ جيئن اوهان هدايت تي قائم رهو! اوهان كي زندگي گهارڻ جا طُورطريقا معلوم ٿي وجن ۽ اوهان ان تي عمل كري دنيا ۾ عظيم ۽ آخرت ۾ سرخرو ۽ كامياب ٿي وجو!

تنهنكري اي بني اسرائيل! اسان جي هن انعام كي ياد كريو! هي اسان جا پاڪ محبوب حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف كڻي اچي چكا آهن، سندن كلمو پڙهي انهن انعامن جو شكرانو ادا كريو! [2]

هدايت جو معيار كِتَابُ الله آهي

پيارا اسلامي پائرو! هن آيت سڳوريءَ مان معلوم ٿيو تہ هدايت جو اصل معيار كتابُ الله آهي. جيكڏهن هدايت ماڻڻ جو ذريعو كو ٻيو بہ هجي ها، مثال طور عقل ذريعي بہ هدايت حاصل كري سگهجي ها، تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي كتاب نازل كرڻ جي حاجت ئي نہ پوي ها، جڏهن تہ الله پاڪ پاڻ متن كتاب لاڏو ۽ ان جي حكمت ٻڌائيندي فرمايو:

لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۵۳﴾

ترجمو كنزُالعرفان: تہ جيئن توهان هدايت ماڻيو. (سيپارو: 1، البقرة: 53)

1...تفسير طبرى، پاره:1 ، سورۂ بقرة، زير آيت:53، جلد:1، صفحه:324، حديث:932۔
2...تفسير كبير، پاره:1 ، سورۂ بقرة، زير آيت:53، جلد:1، صفحه:514۔

معلوم ٿيو تہ هدايت جو اصل معيار صرف كتابُ الله آهي ◈ اسان پنهنجي عقل سان تجربا تہ كري سگهون ٿا، پر هدايت نٿا ماڻي سگهون ◈ دنياوي علمن مان معلومات تہ ملي سگهي ٿي، پر سڌي ۽ سچي راهہ جي رهنمائي ۽ آخرت جي كاميابين جو ذريعو رڳو كتابُ الله ئي آهي، ان كانسواءِ ٻئي كنهن وٽان هدايت نٿي ملي سگهي.

گزر جا عقل سے آگے کہ یہ نُور | چراغِ راہ ہے منزل نہیں ہے

ضروري وضاحت: كتابُ الله مان منهنجي مراد وحِي آهي. يعني هدايت جو معيار وحي آهي، الله پاڪ جو سچو دين آهي. حديثِ پاڪ ۾ ڇو تہ وحي ئي آهي ۽ پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ ارشادات آهن، تنهنكري كتابُ الله وانگر اها ۾ هدايت جو اصل سرچشمو آهي. مقصد اهو آهي تہ اسان پنهنجي عقل سان هدايت نٿا حاصل كري سگهون، هدايت رڳو دين منجهان ئي ملندي.

عقل محدود آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اها ڳالهہ سدائين ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اسان جو عقل محدود آهي. اسان جي عقل جي پهچ صرف ظاهري سببن تائين هوندي آهي، سببن کان اڳتي جون جيڪي ڳالهيون آهن، انهن جي هدايت اسان کي دين ئي مهيا كندو آهي. هيءَ ڳالهہ مان اوهان کي هڪ مثال سان سمجهايان ٿو. مولانا روم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مثنوي شريف ۾ فرمائن ٿا: هڪ پيري هڪ فلسفي كنهن واٽ تان لنگهي رهيو هو تہ سندس ڪنن تي تلاوتِ قرآن جو آواز پيو. ڪو شخص سورة الملك جي تلاوت كري رهيو هو. جڏهن هن سورة الملك جي آخري آيت تلاوت ڪئي، جنهن ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ يَّاْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ ﴿۳۰﴾

ترجمو كنزُالعرفان: اوهان فرمايو: پلا ڏسو ته صحيح، جيڪڏهن توهان جو پاڻي زمين جي اندر هليو وڃي ته اهو ڪير آهي جيڪو توهان جي لاءِ وهندڙ (صاف) پاڻي ڪڍي اچي؟ (سپارو:29، الملک:30)

هيءَ آيتِ مبارڪ ٻڌي اهو فلسفي تڪبر ۽ غرور مان چوڻ لڳو: هن ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي! جيڪڏهن الله پاڪ پاڻيءَ کي زمين جي اونهائيءَ ۾ گم ٻه ڪري ڇڏي، ته اسان سائنس جي طاقت تي نوان اوزار ڪتب آڻي پاڻي وري باهر ڪڍي وٺنداسين. هن فلسفي اها ڳالهه چئي ۽ پنهنجي رستي هليو ويو. رات جو جڏهن سُتو ته خواب ۾ ڏٺائين ته هڪ نهايت طاقتور ماڻهو آيو ۽ هن فلسفي جي منهن تي هڪ زوردار چماٽ وهائي ڪڍيائين، جنهن سان ان جون ٻئي اکيون باهر نڪري پيون ۽ ساڻ ئي اکين جو نور وارو جيڪو پاڻي هو، اهو ٻه زمين تي ڪري سُڪي ويو.

خواب ۾ آيل ان شخص خواب ۾ ئي ان کي چيو: اي بدنصيب! جيڪڏهن تون واقعي ڪوڏرن، بيلچن ۽ ٻين سائنسي اوزارن جي زور تي، الله جي مدد کان بغير زمين مان پاڻي ڪڍي سگهين ٿو، ته پوءِ پنهنجي اکين مان نڪتل هنن ٻن ڦڙن کي زمين مان ڪڍي ڏيکار؟

صبح جو جڏهن فلسفي صاحب سجاڳ ٿيو ته ان جون اکيون نڪتل هيون، ان کي ڪجهه نظر نه پئي آيو ۽ غرور ۽ تڪبر جو سمورو نشو ٻه لهي چڪو هو. (1)

کسی کو تاجِ وقار بخشے، کسی کو ذِلّت کے غار بخشے
جو سب کے ماتھے پہ مہرِ قُدرت لگا رہا ہے، وہی خُدا ہے

1...مثنوی معنوی، دفتر دوم، انکار فلسفی بر ...الخ، صفحہ:196-197 مفصلًا۔

معلوم ٿيو تہ اسان جو عقل محدود آهي، اسان رڳو اتي ئي سوچي سگهون ٿا جتي اسان جو عقل پهچي ٿو، پر الله پاڪ جي قدرت اسان جي عقل کان ڪيترا ئي پيرا اڳتي آهي. ان ڪري صحيح واٽ اها ئي آهي تہ ماڻهو پنهنجي عقل سان نہ، بلڪ الله پاڪ جي ڪتاب ذريعي هدايت حاصل ڪري.

ماضيءَ جا ڪجهہ مثال

پيارا اسلامي ڀائرو! انسان پنهنجي ماضيءَ مان عبرت ۽ سبق پرائيندو آهي. ماضيءَ جا هي ڪجهہ مثال ڏسو!

حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ڀاڙ الله پاڪ جا سچا نبي آهن، ڀاڙ ساڍا نوَ سئو ورهيہ پنهنجي قوم کي دين جي تبليغ ڪندا رهيا، پر قوم جو اڳيان جواب هو.

مَجْنُوْنٌ وَّازْدُجِرَ ﴿۹﴾

ترجموڪنزُالعرفان: هي مجنون آهي ۽ جهٽڪيو ويو. (سپارو: 27، القمر: 9)

يعني اهي بدبخت دين کي چريائپ ۽ پنهنجي عقل کي هدايت جو سپ کان اعليٰ درجو سمجهندا هئا. اهي 80 ڇٽا جيڪي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام تي ايمان کٽي آيا، اهي غير مسلم بي دين انهن کي بَادِيُ الرَّاْيِ (يعني گهٽ عقل) سڏيندا هئا. آخرڪار نتيجو ڇا نڪتو؟ سخت طوفان آيو، زمين پنهنجا چشما کولي ڇڏيا، آسمان مان پاڻي تمام گهٽو وسيو ۽ سموري زمين ٻڏي وئي. بچيو ڪير...؟ رڳو اهي 80 ڇٽا جيڪي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام تي ايمان آڻي چڪا هئا.

يعني اهي غير مسلم ۽ بي دين جن کي بي عقل سڏيندا هئا، حقيقت ۾ اهي ئي سپ کان وڌيڪ عقلمند هئا، جن دين قبول ڪري پاڻ کي تباهيءَ کان بچائي ورتو، جڏهن تہ اهي غير مسلم خود بي عقل هئا، جيڪي ٻوڏ ۾ ٻڏي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا.

اهڙيءَ طرح حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام تشريف کٹي آيا، پاڻ ماڻهن کي دين ڏانهن سڏيائون، اڳيان انهن عقل پرستن چا چيو؟ چوڻ لڳا:

اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ سَفَاهَةٍ

ترجمو كنزُالعرفان: بيشڪ اسين توکي بيوقوف سمجهون ٿا.

(سپارو: 8، الاعراف: 66)

ان جو نتيجو چا نڪتو؟ الله پاڪ مٿن طوفاني هوا ۽ آنديءَ جو عذاب نازل فرمايو، ۽ اهي سمورا عقل پرست ان آنديءَ ۾ تباهه و برباد ٿي ويا. باقي ڪير بچيو...؟ حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ساڻن ايمان آڻيندڙ اهي ئي خوش نصيب ٻانها.

خبر پئي؛ اسان جي عقل محدود آهي، اسان سڀ ڪجهه پنهنجي عقل سان نٿا سکي سگهون، ۽ هر ڳالهه کي پنهنجي عقل سان حل نٿا ڪري سگهون اسان دين جا محتاج آهيون، كتابُ الله جا محتاج آهيون. اسان کي هدايت صرف ۽ صرف الله پاڪ جي ڪتاب مان ملندي. بلڪ سچي ڳالهه اها آهي ته دنيا ۽ دين جي برڪت سان سنورجي ٿي ۽ آخرت جو چوٽڪارو ۽ دين جي تابعداريءَ ۾ ئي رکيل آهي.

كتابُ الله دين ۽ دنيا ۾ ڪاميابيءَ جو ذريعو آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْكِتٰبِ اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَكَفَّرْنَا عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ

وَلَاَدْخَلْنٰهُمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿۶۵﴾

ترجمو كنزُالعرفان: ۽ جيڪڏهن ڪتاب وارا ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگاري اختيار ڪن ها ته ضرور اسان انهن جا گناهه مٽائي ڇڏيون ها ۽ ضرور انهن کي نعمتن جي باغن ۾ داخل ڪريون ها. (سيپارو: 6، المائده: 65)

هي اهلِ ڪتاب لاءِ آخرت ۾ ڪاميابيءَ جو وعدو هو ته اهلِ ڪتاب، جن مٿان آسماني ڪتاب لاٿا ويا هئا، جيڪڏهن اهي ايمان آڻين ها ۽ تقويٰ اختيار ڪن ها ته سندن سڀ خطائون معاف ڪيون وڃن ها ۽ کين نعمتن واري جنّت ۾ داخل ڪيو وڃي ها. وڌيڪ فرمايو:

وَلَوْ اَنَّهُمْ اَقَامُوا التَّوْرٰىةَ وَ الْاِنْجِیْلَ وَ مَاۤ اُنْزِلَ اِلَیْهِمْ

مِّنْ رَّبِّهِمْ لَاَكَلُوْا مِنْ فَوْقِهِمْ وَ مِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ

ترجمو كنزُالعرفان: ۽ جيڪڏهن اهي توريت ۽ انجيل ۽ جيڪو ڪجهه انهن جي طرف سندن رب جي طرفان نازل ڪيو ويو ان کي قائم رکن ها ته انهن کي انهن جي مٿان کان ۽ سندن پيرن جي هيٺان کان رزق ملي ها.
(سيپارو: 6، المائده: 66)

يعني اهي ماڻهو جن کي تورات ۽ انجيل عطا ڪيا ويا هئا، جيڪڏهن اهي انهن تي اهڙيءَ ريت عمل ڪن ها جهڙو حڪم مليو هو، ته ڇا ٿئي ها؟ آسمان مٿن برڪت وسائي ها، زمين برڪت ڦٽائي ها، انهن جي لاءِ آسمان ۽ زمين مان رزق جا سمورا دروازا کوليا وڃن ها ۽ هو دنيا ۾ به ڪامياب ترين بڻجي وڃن ها. پر انهن ائين نه ڪيو، الله پاڪ جي عطا ڪيل ڪتاب تي سچائيءَ سان عمل نه ڪيائون، تنهنڪري خواري ۽ پَستي انهن جو مقدر بڻجي وئي، هنن دنيا ۾ به رسوائي جو منهن ڏٺو ۽ آخرت ۾ به ناڪام ٿي ويا.

نافرمانيءَ ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيو

حضرت جُبير بن نُفير رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن مسلمانن قُبْرُص فتح ڪيو، ته مون ڏٺو ته صحابيءِ رسول حضرت ابو درداءِ رَضِیَ اللهُ عَنْه اڪيلائيءَ ۾

وينيِ ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا. مان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم: سائين: اڄ ته الله پاڪ مسلمانن کي غلبو بخشيو آهي (يعني اڄ ته وڏي خوشيءَ جو ڏينهن آهي)، ۽ اوهان ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهيو؟ حضرت ابو درداءِ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: اي جُبير! غور ته ڪر...! جيڪو الله پاڪ جي نافرماني ڪندو آهي، اهو پنهنجي پالڻهار جي حضور ڪيڏو نه بي وقعت ۽ بي قدر ٿي ويندو آهي! ڦُبرص جا رهواسي ڪهڙي نه غلبي ۽ عزت وارا هئا، پر جڏهن انهن الله جي حڪمن کي ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي رب ڪريم جي نافرماني ڪئي، ته انهن جو هي حال ٿيو (جو اڄ انهن کي شڪست ٿي ۽ هو سپ ذليل ۽ خوار ٿي ويا). [1]

معلوم ٿيو، جڏهن قومون الله پاڪ جي ڪتاب تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏيندیون آهن ته پوءِ ذلت ۽ خواري ئي انهن جو مقدر بڻجي ويندي آهي. ڏسو! اهلِ ڦُبرص عزت وارا هئا، سوپ وارا هئا، پر جڏهن ڪتابُ الله تان هٿ ڪنيائون ته متيءَ ۾ ملي ويا.

قرآن وارؤ....!! قرآن تي عمل ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو ◈ اسان کان اڳين کي تورات ڏنو ويو، جيستائين ان تي عمل ڪيائون عزت وارا رهيا جڏهن عمل ترڪ ڪيائون ته خوار ٿي ويا ◈ زبور وارن کي زبور مليو، جيستائين پيروي ڪيائون ڪامياب رهيا ◈ پوءِ انجيل وارن کي انجيل عطا ٿيو، انهن به سر بلندي ماڻي، عَمل ڇڏڻ سان مشڪلاتن جي وَر چڙهي ويا◈ هاڻي اسان جي واري آهي! اسان کي الله پاڪ سمورن ڪتابن کان افضل ترين ڪتاب قرآنِ ڪريم عطا فرمايو

1 ...زُہد لاحمد بن حنبل، زہد ابی الدرداء، صفحہ:182، حدیث:764۔

آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو: اي مسلمانو...!! اوهان کي قرآن ڏنو ويو، ان ڪري ته جيئن اوهان سپاٽي هي نه چئو ته

لَوْ اَنَّاۤ اُنْزِلَ عَلَیْنَا الْكِتٰبُ لَكُنَّاۤ اَهْدٰى مِنْهُمْۚ

ترجمو ڪنزُالعرفان: جيڪڏهن اسان تي ڪتاب لاٿو وڃي ها ته اسان انهن کان وڌيڪ هدايت يافته هجون ها. (سپارو: 8، الانعام: 157)

يعني اي مسلمانو! سپاٽي اهو عذر پيش نه ڪجو ته تورات وارن کي تورات ڏنو ويو پوءِ به اهي سڏي وات جا مسافر نه بڻيا، انجيل وارن کي انجيل ڏنو ويو هو تڏهن به دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ماڻي نه سگهيا، جيڪڏهن اسان کي ڪتاب ملي ها ته اسان ان تي خوب عمل ڪريون ها، دنيا ۾ به ڪامياب رهون ها، آخرت جي به ڪاميابي حاصل ڪيون ها...!! ونو ..!! اوهان کي سڀ کان اعليٰ ڪتاب قرآنِ مجيد عطا ڪيو ويو آهي .هاڻي ان تي سچي دل سان عمل ڪريو ۽ دنيا توڙي آخرت جون ڪاميابيون حاصل ڪيو.!

قرآن کان سواءِ ڪاميابيءَ جو ڪو رستو ناهي

سيپاري: 6، سورة المائدة جي آيت: 68 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

قُلْ یٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لَسْتُمْ عَلٰى شَیْءٍ حَتّٰى تُقِیْمُوا التَّوْرٰىةَ

وَ الْاِنْجِیْلَ وَ مَاۤ اُنْزِلَ اِلَیْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْؕ

ترجمو ڪنزُالعرفان: اوهان فرمايو اي ڪتاب وارؤ! جيستائين توريت ۽ انجيل ۽ جيڪو ڪجهه توهان جي طرف توهان جي ربّ جي طرف کان نازل ڪيو ويو آهي ان کي قائم نٿا رکو ته توهان ڪنهن شيءِ تي ناهيو. (سپارو: 6، المائده: 68)

حضرت سفيان بن عُيَيْنَہ رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه جيڪي علمِ حديث جا تمام وڏا امام آهن، فرمائن ٿا: قرآنِ ڪريم جي هيءَ آيتِ مبارڪ منهنجي لاءِ سمورين آيتن کان وڌيڪ ڳري آهي.[1]

مطلب اهو ته اهي ماڻهو جن کي تورات شريف ۽ انجيل شريف عطا ڪيو ويو هو، هن آيت ڪريمہ ۾ ڪين فرمايو ويو: اي اهلِ ڪتاب! جيستائين اوهان الله پاڪ جي نازل ڪيل ڪتاب کي عملي زندگيءَ ۾ اپنائي، ان تي پوري طرح عمل پيرا ٿي اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسَلَّم جو ڪلمو نٿا پڙهو، تيستائين اوهان جي ڪا حيثيت ئي ناهي.

ساڳيءَ طرح اسان بہ صاحبِ ڪتاب آهيون، اسان کي الله پاڪ قرآنِ ڪريم جهڙي نعمت سان نوازيو آهي، تنهنڪري اسان بہ جيستائين قرآنِ ڪريم تي عمل پيرا نٿا ٿيون، تيستائين اسان جي بہ بارگاهِ الاهيءَ ۾ ڪا حيثيت، ڪا وقعت ناهي.

معلوم ٿيو ته جيڪڏهن اسان ٻنهي جهانن ۾ عزت چاهيون ٿا ته ان جو صرف ۽ صرف هڪ رستو آهي: اهو هي ته قرآنِ ڪريم تي مڪمل عمل ڪريون. هن قرآن ذريعي ئي ربِ ڪريم عِزّت ۽ وقار عطا فرمائيندو آهي، اسان کي ترقي جڏهن بہ ملي آهي، هن قرآن جي ذريعي ملي آهي، ۽ قيامت تائين مسلمان جڏهن بہ ترقي ڪندا، هن ئي قرآنِ پاڪ جي ذريعي ئي حاصل ڪندا، ان کان سواءِ ڪو ٻيو رستو ناهي.

ترقيءَ جو اصل رستو

اي عاشقانِ رسول! اڄ جيڪڏهن اسان ٿورو سوچيون ته اسان وٽ عام طور تي ماڻهو پاڻ ۾ ٻيا تبصرا ڪندا آهن ته: غير مسلم ترقي ڪري ويا،

1...بخاری، کتاب التفسیر، باب سورۃ المائدۃ، صفحہ:1143۔

غير مسلم چند تي پهچي ويا، وغيره وغيره. حقيقت جي اک سان ڏسجي تہ حقيقت ۾ اها کا کافرن وڏي ترقي ناهي ڪئي، پر اسان پوئتي پئجي ويا آهيون! هن ڳالهہ کي هڪ مثال سان سمجهو! هڪ شخص ڪار ۾ وينِي ڪار هلائي رهيو هجي ۽ ٻيو شخص موٽرسائيڪل تي سوار هجي، تہ ظاهر ڳالهہ آهي تہ ڪار جي رفتار وڌيڪ هوندي آهي، ان ڪري ڪار کي اڳيان نڪري وڃڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ڪار هلائيندڙ پنهنجي ڪار 40 جي رفتار تي هلائي رهيو هجي ۽ موٽرسائيڪل سوار 80 جي اسپيڊ سان هلي رهيو هجي تہ يقيناً موٽرسائيڪل اڳتي نڪري ويندي. هاڻي اسان چا چونداسين؟ چا موٽرسائيڪل ڪار کان وڌيڪ تيز رفتار آهي؟ هرگز نہ...!! اسان چونداسين تيز رفتار تہ ڪار ئي آهي، پر ڪار واري پنهنجي اوزار ۽ سهولت کي ڪم آڻڻ ۾ سستي کان ڪم ورتو.

اهو ساڳيو حال اسان جو بہ آهي. سئو سيڪڙو ترقيءَ، بلنديءَ ۽ دائمي ڪاميابيءَ جا جيڪي وسيلا ۽ ذريعا مسلمانن کي نصيب ٿيا آهن، اهي دنيا جي ڪنهن بہ ٻيءَ قوم وٽ موجود نہ آهن، پر الميو هي آهي تہ اسان انهن عظيم ذريعن کي غلاف ۾ ويڙهي الماڑين جو سينگار بڻائي رکي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن واقعي صحيح معنيٰ ۾ قرآنِ ڪريم جي نظامِ زندگيءَ کي سيني سان لڳائن، تہ يقين ڄاڻو اسان جو معاشرو ڪجهہ ڏينهن ۾ ترقي ڪري سگهي ٿو، ۽ هيءَ رڳو جذباتي ڳالهہ ناهي بلڪ ڪليل حقيقت آهي. ان جو صرف هڪڙو مثال ٻڌو:

حضرت عُمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو دورِ خلافت

ڏسو! اڄڪلهہ جي دور ۾ تقريبن هر طرف غربت جو روئڻ روئيو پيو وڃي. هن غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيترائي طريقا اختيار ڪيا ويا ۽ اڄ بہ اختيار

ڪيا پيا وڃن. 19هين صدي عيسويءَ ۾ يعني اڄ کان تقريباً 150 سال اڳ دنيا ۾ وڏا انقلاب آيا، معيشت جا الائي ڪيترا نظام مثلاً سوشلزم، ڪميونزم (Communism) وغيره وجود ۾ آيا، جن سيني جو هڪ ئي نعرو هو: غربت مٽايو...! ◈ڪڏهن پورهيتن جي حقن جون ڳالهيون ٿيون ◈ ڪڏهن روٽي، ڪپڑي ۽ اجهي جي نعريبازي ٿي ◈ ڪڏهن مسڪينن جي واهر جا منشور ٺهيا، سرمائيداري نظام آيا ۽ هي نظام اڄ تائين ڪيترن ئي ملڪن ۾ رائج آهن پر افسوس! 150 سالن کان به مٿي وقت گذري چڪو آهي، پر انهن مان ڪو هڪ نظام به غربت ناهي ختم ڪري سگهيو، بلڪ غربت مٽجڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي، گهٽ نه ٿي رهي آهي.

هاڻي ٿورو قرآنِ ڪريم جي پاڪيزه نظام ڏانهن نظر ڦيرائي ڏسو! حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه نهايت بلند رتبه ۽ انصاف پسند عادل حاڪم ٿي گذريا آهن. پاڻ تقريباً 30 مهينا يعني فقط اڍائي سال حڪومت فرمائي ۽ انهن 30 مهينن اندر صحيح معنيٰ ۾ قرآني نظام لاڳو ڪري ڏيکاريو. ان پاڪيزه نظام جون جيڪي برڪتون سامهون آيون، انهن مان هڪ اها به هئي ته حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه دورِ خلافت ۾ زڪوات ادا ڪرڻ وارا ته گهٽا هئا، پر زڪوات وٺڻ وارو ڪو هڪ غريب به پئي ملیو! حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جا گورنر پاڻ خط لکندا هئا. سائين! زڪوات جي رقم گڏ ٿي چڪي آهي، پر اسان کي علائقي ۾ ڪو به اهڙو محتاج ماڻهو نظر نٿو اچي جنهن کي هيءَ زڪوات ڏئي سگهون.[1] اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ڪٿي 150 سالن جو عرصو ۽ ڪٿي صرف 30 مهينا...! ۽ نتيجو ڏسو! هڪ طرف 150 سالن ۾ دنيا جي وڏن وڏن فلسفين

1...سيدنا عمر بن عبدالعزيز کی 425 حکایات، صفحہ:458-460 ملتقطًا۔

جا ٺاهيل نظام غربت مٽائڻ تہ پري جي ڳالهہ، گهٽ بہ نہ ڪري سگهيا ۽ ٻئي طرف حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُاللهِعَلَيْه صرف 30 مهينا الله پاڪ جو ٻڌايل پاڪيزه نظام نافذ فرمايو تہ غربت مڪمل ختم ٿي وئي.

هي آهي قرآنِ ڪريم جي اڻ کٽ برڪت...! معلوم ٿيو تہ انسانن جي ترقي ۽ ڪاميابي جو صرف و صرف هڪ رستو آهي ۽ اهو آهي: قرآنِ ڪريم تي صحيح نموني عمل ڪرڻ. پر افسوس! اسان قرآن تي غلاف چاڙهي ان کي الماڙين جي زينت بڻائي ڇڏيو. وضاحت ڪري ڇڏيان: قرآنِ پاڪ جو ادب ڪرڻ تہ سٺي ڳالهہ آهي، پر صرف ادب ڪافي ناهي، بلڪ قرآن جي تلاوت بہ ڪرڻي آهي، ان کي سمجهڻو بہ آهي ۽ ان جي حڪمن تي عمل بہ ڪرڻو آهي. افسوس، صد افسوس! اهو پاڪ قرآن جيڪو ٻنهي جهانن جي ڪاميابين جو پيغام کڻي آيو هو، اسان ان الله پاڪ جي ڪلام کان پنهنجو رخ ئي ڦيري ڇڏيو...!

گهر ڏيئي وانگر چمڪندو رهندو هو

هڪ جليل القدر صحابي آهن: حضرت ثابت بن قيس رَضِيَ اللهُ عَنْه. رات جي وقت سندن گهر مبارڪ ائين پيو چمڪندو هو ڄڻ ڪو روشن ڏيئو هجي (ظاهر ڳالهہ آهي تہ ان زماني ۾ بجلي جو انتظام تہ هو نہ، رات جي وقت اوندهہ هوندي هئي، پر حضرت ثابت بن قيس رَضِيَ اللهُ عَنْه جو گهر رات جو نوراني روشنيءَ سان چمڪي رهيو هوندو هو). ماڻهن جڏهن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حضور هن ڳالهہ جو ذڪر ڪيو تہ پاڻ فرمايائون: ثابت بن قيس ضرور رات جي وقت سورة البقرة جي تلاوت ڪندا هوندا. پوءِ جڏهن حضرت ثابت

بن قيس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان ان بابت پڇيو ويو تہ پاڻ ٻڌايائون: ها، واقعي مان رات جو سورة البقرة جي تلاوت ڪندو آهيان. [1]

چھوڑو! یہ ظلمتوں کے شکوے کرو نہ ہر دَم
ہے روشنی کی خواہش، قرآن پڑھ کے دیکھو

سُبْحٰنَ اللہ! معلوم ٿيو تہ قرآنِ پاڪ نور آهي. هن کي پڙهڻ ۽ تلاوت ڪرڻ سان دليون ۽ منور ٿيندیون آهن ۽ الله چاهي تہ ظاهر ۾ ۽ روشني ۽ نور نصيب ٿي ويندو آهي.

قرآن سان ناتو جوڙيو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! قرآنِ ڪريم ڪتابِ برڪت ۽ آهي، ڪتابِ هدايت ۽ آهي، ۽ ڪتابِ زندگي ۽ آهي، ان ۾ اسان جي لاءِ سڀ ڪجهہ موجود آهي، بس ڪمي هن ڳالهہ جي آهي تہ اسان قرآن پڙهون نٿا، ان جي تلاوت ناهيون ڪندا ۽ ان ۾ الله پاڪ ڇا فرمايو آهي، اهو سمجهڻ لاءِ گهڙي ڪن ۽ وقت نٿا ڪڍون! تورات شريف ۾ روايت آهي تہ (الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:) اي منهنجا ٻانها! ڇا توکي مون ڪان لڄ ۽ حيا نٿي اچي؟ جو تون رستي ۾ هلي رهيو هوندو آهين، جڏهن تو وٽ تنهنجي ڪنهن ياءُ جو خط ايندو آهي تہ تون رستي تان هٽي ويندو آهين ۽ ويهي ان جي هڪ هڪ اکر کي غور سان پڙهندو آهين، ايستائين جو ان جو ڪو ۽ لفظ نٿو ڇڏين. جڏهن تہ هي منهنجو ڪتاب آهي، جيڪو مون تو ڏانهن نازل ڪيو آهي، ڏس! ۾ تنهنجي لاءِ ڪيتري تفصيل آهي، مون توکي ڪيڏو سمجهايو آهي تہ جيئن تون ان ۾

1...فضائل القرآن للمستغفری، ملجأ الی الله، صفحہ:200، حدیث:708۔

غور فڪر ڪرين، پوءِ ٻہ تون ان کان منهن موڙين ٿو! ڇا منهنجو مرتبو تنهنجي نظر ۾ تنهنجي پائرن کان ٻہ گهٽ آهي؟. [1]

الله! الله! پيارا اسلامي پائرو! واقعي غور طلب ڳالهہ آهي ◈ هاڻي هتي ئي ڪنهن جو موبائل وڄي پوي، ◈ ڪو ايس ايم ايس (SMS) اچي، ◈ واٽس ايپ (WhatsApp) تي ڪو پيغام موڪلي، يا ◈ ڪنهن جي مس ڪال اچي وڃي ◈ جيتوڻيڪ اسان مسجد اندر وينا هجون ◈ جمعي جي نماز بلڪل پڙهجڻ واري هجي، ◈ پر اسان کي بيچيني وکوڙي ويندي، ◈ دل ڦٽڪڻ لڳندي ◈ تہ ڪڏهن مان ڪيسي مان فون ٻاهر ڪيان ◈ ڪڏهن ميسيج ڏسان ◈ ۽ ڪڏهن ان جو جواب موڪليان؟ ◈ ڪڏهن ڪڏهن تہ پوري نماز جي وچ ۾ موبائل جو رنگ ٽون وڄندي آهي ◈ دل ۾ هلچل مچي ويندي آهي ◈ تہ الائي ڪنهن جو فون هو! الائي ڪنهن جو ميسيج آيو هوندو ◈ سلام ورنائيندي ئي دعا ٻہ ناهن گهرندا، سي کان پهرين موبائل ڪيي چيڪ ڪندا آهن تہ ڪير هو؟ ڪنهن ڪال ڪئي؟ ڪنهن ميسيج ڪيو؟ هاڻي ٿورو سوچيو! قرآنِ ڪريم اسان جي ربّ جو پيغام آهي، اسان ان کي ڪيتري اهميت ڏيون ٿا؟ ڪيتري تلاوت ڪريون ٿا؟ ان کي سمجهڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪريون ٿا؟ پوءِ ان تي عمل پيرا ٿيڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪريون ٿا؟

افسوس! هاڻي اسان جي حالت ڏاڍي خراب ٿيندي پئي وڃي. اول تہ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪري ئي ڪير ٿو؟ ◈قرآنِ ڪريم صرف الماريءَ جي زينت هوندو آهي. ◈پوءِ جيڪي تلاوت ڪن ٿا، انهن ۾ وڏو تعداد انهن ماڻهن جو آهي جيڪي صرف برڪت لاءِ تلاوت ڪن ٿا. ◈ڪجهہ خوش قسمت ماڻهو صبح جو دڪان کوليندي ئي تلاوت ڪن ٿا تہ جيئن ڪاروبار

1...احياء علوم الدين، كتاب آداب تلاوة القرآن، الباب الاولفي فضل القرآن، جلد:1، صفحہ:362۔

۾ برڪت ٿئي. ◈عورتون گهرن ۾ صبح صبح تلاوت ڪن ٿيون. ◈ڪڏهن ڪنهن کي ڪا مشڪل پيش اچي وڃي، ڪا پريشاني ٿي وڃي ته خوش نصيب، ديني ذهن رکندڙ مدرسي مان طالبن کي گهرائي قرآن خواني ڪرائين ٿا، يقيناً اها سڀني ڀَالهه آهي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته قرآنِ ڪريم برڪت ئي برڪت آهي. ◈قرآنِ ڪريم کي گهر ۾ رکڻ ۾ برڪت، قرآنِ ڪريم کي ڏسڻ ۾ برڪت، قرآنِ ڪريم کي چُهڻ ۾ برڪت، قرآنِ ڪريم کي پڙهڻ ۾ برڪت، قرآنِ ڪريم کي سمجهڻ ۾ برڪت آهي قرآنِ مجيد اَلْحَمْدُلِلّٰه! سڄي جو سڄو رحمت ۽ برڪت آهي، پر اها ۽ ڀَالهه هميشه ياد رکو ته قرآن رڳو "ڪتابِ برڪت" ئي ناهي، بلڪ "ڪتابِ عمل" پڻ آهي! قرآنِ پاڪ جي حقيقي برڪت ان تي عمل ڪرڻ سان ئي نصيب ٿيندي آهي. سان ٿورو غور ڪريون! هڪ شخص صبح جو دڪان کولي ٿو، اتي برڪت لاءِ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪري ٿو، پر ان جو ڪاروبار سودي آهي، جڏهن هو سامان وڪڻي ٿو ته ڪوڙ ڀَالهاءِ ٿو، ڪوڙي قسم کڻي ٿو. هاڻي ٻڌايو! قرآنِ مجيد ته فرمائي ٿو ته ڪوڙن تي اللّٰه پاڪ جي لعنت آهي، قرآنِ مجيد ته سود خور سان اعلانِ جنگ فرمائي ٿو، هاڻي اهڙي شخص کي قرآنِ مجيد مان برڪت ڪيئن ملندي...؟ ان لاءِ اي عاشقانِ رسول! قرآنِ مجيد ڪتابِ برڪت ۽ آهي، ان کي برڪت لاءِ ۽ ضرور پڙهو، ان سان گڏوگڏ قرآنِ مجيد ڪتابِ عمل ۽ آهي، لڌا اسان تي لازم آهي ته اسان قرآنِ ڪريم کي سمجهون ۽ ان تي عمل ۽ ڪريون.

قرآنِ ڪريم جي هڪ آيت تي عَمَل جي برڪت

حضرت فضيل بن عياض رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه لله پاڪ جا تمام وڏا ولي ٿي گذريا آهن. توبه ڪرڻ کان پهريان پاڻ هڪ وڏا ڏاڙيل هئا، اهڙا خوفناڪ ڏاڙيل جو

پوري علائقي جا ماڻهو سندن نالي کان ڏکندا هئا. پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه قرآنِ مجيد جي رڳو هڪ آيت تي عمل ڪري ڏيکاريو! هڪ ڏينهن پاڻ ڏاڙو هٽڻ جي ارادي سان هڪ قافلي ڏانهن وڌيا، ان قافلي ۾ هڪ مسافر قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪري رهيو هو. ان مسافر سيپاري: 27، سورة الحديد جي آيت: 16 پڙهي:

اَلَمْ یَاْنِ لِلَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ

ترجمو كنزُالعرفان: ڇا ايمان وارن لاءِ اڃا اهو وقت ناهي آيو ته سندن دليون الله جي ياد لاءِ جهڪي وڃن. (سيپارو: 27، الحديد: 16)

هيءَ آيت مبارڪ ٻڌندي ئي حضرت فضيل رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه جو اهڙو حال ٿي ويو جڏ ڪنهن سندن سيني اندر تير هڻي ڪڍيو هجي! پاڻ ان مهل ئي فرمايو: اي منهنجا پروردگار! اهو وقت اڃي ويو آهي ته اسان تنهنجي واٽ تي وک وڌايون، پوءِ پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه بي اختيار زاروقطار روئڻ لڳا.[1]

◈حضرت فضيل رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه ان هڪ ئي آيت آڏو مٿو جهڪائي ڇڏيو ◈ ان آيت جا سمورا تقاضا پورا ڪيا ◈ سچي دل سان توبہ ڪئي ◈ جن جو مال لٽيو هئائون، سيني وٽ وڃي مال واپس موٽائي ڏنائون ◈ علمِ دين سکيو، ۽ پوءِ عبادت ۽ رياضت ۾ مگن ٿي ويا پوءِ الله پاڪ کين اها ولايت ۽ عظمت بخشي جو هڪ پيري پاڻ مِنيٰ شريف اندر هڪ جبل تي موجود هئا. پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن ڪو الله جو ولي هن جبل کي فرمائي ته اي جبل! ڊگهو ٿي وڃ، ته هي جبل ان گهڙيءَ ئي ڊگهو ٿيڻ لڳندو. بس سندن ائين چوڻ ئي هو ته ان جبل وڌڻ شروع ڪري ڏنو! حضرت فضيل رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه

1...احياء علوم الدين، كتاب آداب تلاوة القرآن، الباب الاولفى فضل القرآن، جلد:1، صفحه:362۔

جبل ڏانهن منهن ڪري فرمايو:اي جبل! رکجي وچ...!! مون توکي حڪم تہ ناهي ڏنو. ايترو ٻڌندي ئي اهو جبل بيهي رهيو.[1]

چاہیں تو اشاروں سے اپنے کایا ہی پلٹ دیں دنیا کی
یہ شان ہے اُن کے غلاموں کی، سرکار کا عالم کیا ہو گا

اي عاشقانِ رسول! ڏنو اوهان! شروعات ۾ حضرت فضيل رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه رڳو قرآن جي هڪ آيت اڳيان سر تسليم خم ڪيو، پوءِ قرآن ۽ حديث جي تعليم تي عمل ڪيائون، تہ الله پاڪ کين ڪيڏو نہ بلند رتبو ۽ ولايت عطا فرمائي ڇڏي.

اهي زماني ۾ مسلمان ٿي معزز هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! اها تاريخي حقيقت آهي تہ مسلمانن جڏهن بہ قرآنِ پاڪ تان هٿ کنيو آهي، تڏهن کين خواري ۽ ناڪاميءَ کان سواءِ ڪجهہ ناهي مليو. اَلْحَمْدُ لله! صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، تابعينِ عظام، بزرگانِ دين ۽ الله پاڪ جا سمورا نيڪ ٻانها قرآنِ ڪريم تي عمل ڪندڙ هئا، هميشہ قرآن سان وابستہ رهندڙ هئا. هو پنهنجي زندگيءَ جو ننڍي ۾ ننڍو ڪم بہ قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ ڪندا هئا ۽ ان تي ثابت قدم رهندا هئا. نتيجي طور الله پاڪ کين ڪمال عروج بخشيو، پوري جهان ۾ سندن ڊبڊبو ۽ عزت هئي، کين بي مثال ترقي ملي ۽ هر ميدان ۾ فتح ۽ سوپ سندن قدمن کي چمندي هئي. جيڪڏهن اسان صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ پنهنجي سلف صالحين جو عملي ڪردار ڏسون تہ رشڪ اچي ٿو تہ هو ڪهڙا نہ بلند مرتبن وارا انسان هئا! ايجا قرآن کو حڪم ڏيندو هو، تہ هو ان ئي گهڙيءَ ان تي عمل پيرا ٿي ويندا

1...جامع كرامات اولياء، حرف الفاء، فضيل بن عياض، جلد:2، صفحہ:361۔

هئا. قرآني حڪم ملڻ کان پوءِ هڪ پل بہ دير ڪرڻ هو هرگز برداشت نہ ڪندا هئا.

پسنديده باغ صدقو ڪري ڇڏيائون

بخاري شريف جي حديثِ پاڪ آهي: حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ تمام وڏا شاهوڪار صحابي هئا. کين پنهنجي سڀ کان وڌيڪ پيارو هوندو هو. جڏهن قرآنِ ڪريم جي هيءَ آيتِ مبارڪ نازل ٿي:

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ؕ

ترجمو ڪنزُالعرفان: توهان هرگز پلائي تائين نٿا پهچي سگهو جيستائين راهِ خدا ۾ پنهنجي پياري شيءِ خرچ نہ ڪيو. (سيپارو: 4، آلِ عمران: 92)

تہ حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي پنهنجي پوري مال ۾ بَيرُحاء وارو باغ سڀ کان وڌيڪ محبوب آهي، مان ان پنهنجي محبوب ترين باغ کي الله پاڪ جي رضا خاطر صدقو ڪريان ٿو. [1]

سُبْحٰنَ الله! هي آهي قرآن تي عمل ڪرڻ جو اعليٰ انداز! هيڏانهن قرآن جو اکر ڪنن تي پيو، ۽ هوڏانهن پنهنجي پسنديده ملڪيت خدا جي نالي تان قربان ٿي وئي. ٻئي پاسي اسان ڇا ڪري رهيا آهيون؟ الله جي پناھ! الله جي پناھ...! هاڻي تہ اسان جي سوسائٽيءَ اندر اهڙا بي سمجھ نادان ماڻهو

1...بخاری، کتاب التفسیر، باب ﴿لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰی..الخ﴾، صفحہ:1129، حدیث:4554 خلاصتاً۔

پيدا ٿي پيا آهن جيڪي اسلام جا احڪام ٻڌي ان کي دقيانوسي (يعني پراڻي دور جون ڳالهيون) چون ٿا، ۽ مَعَاذَ الله پنهنجو پاڻ کي نام نهاد روشن خيال ۽ جدت پسند سڏين ٿا! الله پاڪ اسان سڀني کي اهڙي بي وقوفيءَ کان ۽ اهڙن نادان ماڻهن کان سدائين پنهنجي امان ۾ رکي.

اَزْ يَكْ آئين مُسَلْمَان زِنْدَه اَسْت | پَيْكَرِ مِلَّت زِ قُرآن زِنْدَه اَسْت

ترجمو: اسلام ۽ مسلمان رڳو هڪڙي ئي قانون جي آڌار تي زنده رهندا آهن، ۽ ان قانون جو نالو صرف قرآن آهي.

عالمن کان پڇڻ نهايت ضروري آهي

اي عاشقانِ رسول! اسان کي قرآنِ مجيد تي ضرور عمل ڪرڻ گهرجي، ان ۾ ئي اسان جي خير آهي، ان ۾ ئي ترقي آهي ۽ ان ۾ ئي حقيقي ڪاميابي آهي، پر هڪڙي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته قرآن تي عمل ته لازمي ڪرڻو آهي پر پنهنجي اڌوري عقل سان نه، بلڪ عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام کان پڇي سمجهي عمل ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اسان پاڻمرادو پنهنجي عقل جا گهوڙا ڊوڙائينداسين ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو اسان شيطان جي ڄار ۾ ڦاسي پئون ۽ قرآن تي عمل ڪرڻ بدران شيطان جي پويان لڳي دوزخ ۾ وڃي پئون! ان ڪري عاشقانِ رسول اهلِ سنت جا اهي باوقار علماءِ ڪرام، جن کي الله پاڪ قرآن جو فهم ۽ علم عطا فرمايو آهي، انهن جي رهنمائي وٺي ئي قرآن تي عمل ڪرڻو آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ۔

صراط الجنان، قرآن مع تفسير ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلله! دعوتِ اسلامي اسان کي دينِ اسلام جو علم سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا مختلف موقعا فراهم ڪندي آهي. دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپليڪيشن متعارف ڪرائي وئي آهي، جنهن جو نالو Sirat ul Jinan Quran & Tafsir (صراط الجنان قرآن مع تفسير) آهي هن ايپليڪيشن ۾ ◈ مڪمل قرآنِ ڪريم ◈ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو ترجمو ڪنزالايمان ◈ اڃوڪي جديد دور جي تقاضائن مطابق انتهائي عام فهم، سولو ترجمو: ترجمو ڪنزُ العرفان ۽ ◈ آسان انداز ۾ لکيل اردوءَ جي جديد ترين (*Latest*) تفسير: تفسير صراط الجنان ◈ هن ايپليڪيشن جي سهولت سان قرآنِ ڪريم ترجمي ۽ تفسير سان پڙهڻ سان گڏوگڏ قرآني آيتن، ترجمن ۽ تفسير کي آسانيءَ سان واٽس ايپ (WhatsApp)، فيس بڪ (Facebook) ۽ ٻين سوشل ميڊيا ذريعن تي پنهنجن يارن ۽ دوستن سان شيئر (Share) ڪري سگهو ٿا. هيءَ ايپليڪيشن اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال (Install) ڪريو، علمِ دين حاصل ڪريو ۽ ٻين تائين نيڪيءَ جي دعوت پهچائي عظيم ثواب جا حقدار بڻجو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڃاڻيءَ ڏانهن آڻيندي هڪ اهم شرعي مسئلو پيش ڪريان ٿو:

صحيح چا آهي؟

درست شرعي حڪم ۽ عوام ۾ پائي ويندڙ غلط فهميءَ جو حل (مسئلو: سجدهءِ سهو ۾ ڪو امام جي پيروي ڪرڻ واجب آهي.

وضاحت: كڏهن كڏهن امام صاحب نماز ۾ سجدو سهو كندو آهي، اهڙي موقعي تي اهي مقتدي جن جون كجهه ركعتون رهجي ويون هونديون آهن، مثال طور ٻي يا ٽئين ركعت ۾ شامل ٿيا هوندا آهن، اهي كڏهن كڏهن پريشان ٿيندا آهن ته هاڻي اسان كي ڇا كرڻو آهي؟ مسئلو سمجهي ونو! امام جي پيروي واجب آهي. سجدو سهو جي معاملي ۾ به واجب آهي، توڙي جو اسان كان كا پل ناهي ٿي، امام صاحب كان ٿي آهي، ان تي سجدو سهو لازم آيو ته سيني مقتدين تي سجدو سهو واجب ٿي ويو. هاڻي جيكي مقتدي بعد ۾ شامل ٿيا، انهن كي به كم كرڻا آهن: (1): جڏهن امام صاحب هك طرف سلام ورائي ته انهن كي سلام ناهي ورائڻو (2): امام صاحب سان گڏ سجدو سهو كرڻو آهي

جيكڏهن امام صاحب سلام ورائي ڇڏيو ۽ مسبوق (يعني جنهن جون ركعتون باقي هيون اهي) پنهنجون (رهيل ركعتون) پوريون كرڻ لاءِ اٿي ويو، ۽ ان كان پوءِ امام صاحب سجدهءِ سهو كيو، ته جيستائين هن اٿيل مقتديءَ اڃا پنهنجي ان ركعت جو سجدو نه كيو هجي، تيستائين هو فوري طور موٽي اچي امام سان گڏ سجدهءِ سهو ۾ شريك ٿئي. جڏهن امام سلام ورائي پوري كري، تڏهن هيءُ مسبوق بيهي پنهنجي رهيل نماز پوري كري. پر جيكڏهن هو واپس نه وريو ۽ پنهنجي ركعت پڙهيائين، ته پوءِ آخر ۾ هن كي پنهنجي نماز پاڻ مكمل كندي سجدهءِ سهو كرڻو پوندو.[1] الله پاك اسان سيني كي درست اسلامي احكام سكڻ ۽ انهن تي صحيح نموني عمل كرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...بهار شريعت، جلد:1، حصه:4، صفحه:716 ملتقطاً۔

اَسْمَاءُ الحُسْنٰى جون برڪتون (وظيفو)

يَااَللّٰهُ

جيڪو بہ شخص هر نماز جي ادائيگيءَ کان پوءِ الله پاڪ جو هي مبارڪ ءِ پيارو نالو يَااَللّٰهُ 100 پيرا ورد ڪندو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سندس باطن ڪشاده ءِ نوراني ٿي ويندو.[1] الله پاڪ اسان سڀني کي نيڪ عمل ڪرڻ جي پوري توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...مدني پنج سوره، صفحه:246۔